
# راجو جو خواب

**ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي**

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام



راجو اڄ ڏاڍو خوش هو، ڇاڪاڻ تہ سڀاڻي اسڪول وارن سان گڏ هو پر واري چڙياگهر وڃڻو هو. جتي هو ٻين ٻارن سان مختلف قسمن جا جانور ۽ پکي وغيره ڏسندا. اها هڪڙي حقيقي نموني جي تفريح هئي. راجو کي جانورن سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. هو اسڪول ۾ سڄو ڏينهن پکين بابت ئي ڪتاب پڙهندو رهندو هو ۽ انهن جون تصويرون ٺاهيندو رهندو هو. جنهن جانور سان هن کي بنهہ گهڻو پيار هوندو هو، اهو جانور ”اُٺ“ هو. راجو اسڪول ۾ پڙهيو هو تہ اٺ ريگستان جو وڏي ۾ وڏو ۽ طاقتور جانور آهي. راجو جي پيءُ بہ کيس هڪ ڏينهن ٻڌايو هو تہ اُٺ تمام هوشيار ۽ محنتي جانور آهي ۽ کيس ”ريگستان جو ٻيڙو“ ڪري بہ سڏيو وڃي ٿو؛ ڇاڪاڻ تہ اُٺ ريگستان ۾ ڪافي سارو بار کڻي پري پري تائين سفر ڪري سگهي ٿو. راجو هيستائين صرف هڪ ٿوهي وارو اُٺ ڏٺو هو پر ٻن ٿوهن وارو وچ ايشيائي اُٺ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئائين. راجو کي ٻن ٿوهن واري اٺ ڏسڻ جو بي صبري سان انتظار هو.




ٻئي ڏينهن راجو تفريح تي وڃڻ جي ارادي سان ننڊ مان اٿيو. هن جي استاد هڪ ڏينهن اڳ ئي سڀني ڪلاس وارن کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ سڀئي ٻار مقرره وقت تي اسڪول پهچي وڃن، نہ تہ تفريح تي وڃڻ لاءِ ڪانئن بس نڪري ويندي، پر افسوس! تہ ٻئي ڏينهن راجو کي اٿڻ ۾ دير ٿي ويئي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪجهہ وڌيڪ دير تائين ستو رهيو. راجو تڪڙ تڪڙ ۾ پنهنجا ڪپڙا پاتا ۽ نيرن ڪيائين ۽ پوءِ ڪٽي اسڪول ڏانهن ڊوڙ پاتائين. هن کي اهو ئي ڪُتڪو هو تہ ڪٿي بس نڪري نہ وڃي. راجو پنهنجي اسڪول واري رستي تي ڊوڙندو پئي ويو.



ٻوڙندي ٻوڙندي هن روڊ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ تڪڙ ۾ ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ايندڙ ويندڙ گاڏين ڏانهن نظر ئي ڪانہ ڪيائين. هڪ اُٺ گاڏي وارو جيڪو انهيءَ ئي روڊ تان پئي لنگهيو، تنهن هن کي بچائڻ خاطر اوچتو ئي اوچتو اُٺ گاڏي کي روڪي ورتو. راجو کي حيرت ٿي تہ ٿي پر هو جلدي ۾ هو. راجو ڏٺو تہ اُٺ گاڏي جو مالڪ هن جو ٻُوڙائي ڪونہ هو. هو ڪو ڪير جهڙي اڇي ڏاڙهي وارو پوڙهو شخص هو، پر جنهن ڳالهہ تي راجو کي سڀ کان وڏيڪ حيراني ٿي سا اِها هئي تہ انهيءَ پوڙهي شخص وارو اُٺ، وچ ايشيائي ٻن ٿوهن وارو اُٺ هو.






پوڙهي شخص ڏٺو تہ راجو ڊپ ۾ بہ ورتل هو ۽ حيران بہ. ”ايڏي تکڙ ۾ ڪيڏانهن پئي وئين؟ مون وارو اُٺ صفا لتاڙي وجهيئي ها،“ پوڙهي شخص کيس چيس. سهڪندي سهڪندي راجو کيس ٻڌايو تہ هو پنهنجي اسڪول ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن هو مقرره وقت تي اسڪول نہ پهتو تہ تفريح لاءِ ويندڙ بس ڪانئس نڪري ويندي. پوڙهي شخص راجو کي چيو ”مون سان گڏ ڪٽي هليو هل.“ جنهن تي راجو سندس آڇ خوشي سان قبول ڪئي. هن سوچيو تہ هڪ تہ هو پوري وقت تي وڃي اسڪول پهچندو ۽ ٻي ڳالھ اها تہ هن کي ٻن ٿوهن واري وچ ايشيائي اُٺ تي سواري ڪرڻ جو موقعو بہ ملي ويندو.

جيئن ئي راجو هن پوڙهي شخص جي پير ۾ ٿي وينو تہ پوڙهي شخص اُٺ کي هڪل ڪري تيز ڊوڙايو. اُٺ راجو جي اسڪول جي طرف وڌڻ لڳو. ”پر اُٺ کي منهنجي اسڪول واري رستي جي خبر ڪيئن پئي؟ ۽ توهان جيڪو ڪجھ چيس سو هو سمجهيو ڪيئن؟ اٺ تہ ڳالهائي ڪونہ سگھن!“ راجو پوڙهي شخص کان پڇيو.

”پوڙهو شخص راجو جي ڳالهين تي کلڻ لڳو ۽ پنهنجي اُٺ کي چوڻ لڳو تہ ” هاڻ تون هن ننڍڙي ٻار کي ڪهڙو جواب ٿو ڏين؟ جنهن کي اسان جي ڳالهين تي اعتبار ڪونهي.“ راجو انهيءَ ڳالهہ تي حيران ٿيو تہ اُٺ ڳالهائڻ لڳو.







شروع شروع ۾ هو ڪجهه اونهي آواز ۾ گُڙڻ لڳو پر جڏهن راجو غور ڪيو تہ اُٺ واقعي هن کي ڳالهائيندو محسوس ٿيو. راجو کي اُٺ جي ڳالهائڻ تي تمام گهڻي حيراني ٿي.

”مون کي ڳالهائڻ اچي ٿو يا نہ انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي راجو کي گهرجي تہ روڊ پار ڪرڻ وقت ڪجهہ ڌيان ڏيندو ڪري. آئون ذري گهٽ هن مٿان چڙهي ويو هئس“ اُٺ گڙندي گڙندي ڳالهيو. جڏهن راجو اڪيون قاتل حالت ۾ اُٺ کي ڳالهائيندي ٻڌي رهيو هو. ”روزانو ڪيترائي ٻار روڊ حادثن جي ڪري زخمي ٿي پوندا آهن. سيئي ٻار بدقسمت حادثن کان بچي سگهن ٿا، جيڪڏهن هو اها ڳالهہ سکي وٺن تہ روڊ تي ڪيئن هلڻو آهي، پوءِ چاهي اهي ڪنهن بس تي ويٺل هجن يا ڪنهن ڇڪڙي تي.“

راجو جيڪو ڪجهہ ڪجهہ گهٻرايل ۽ حيران هو، تنهن جواب ڏنو تہ ”مون کي ڏاڍو افسوس آهي تہ مون روڊ پار ڪرڻ کان اڳ ساڄي ۽ کاٻي جانچي ڪونہ ڏٺو. اهو انهي ڪري ٿيو جو منهنجو استاد اڄ صبح ساڻ اسان سڀني ڪلاس وارن کي تفريح خاطر چڙيا گهر ڏانهن وٺي پيو وڃي ۽ مون کي ڳُڻڪو هو تہ ڪٿي مون کان بس نڪري نہ وڃي.“

راجو جي صورتحال کي سمجهندي اُٺ وراڻيو: ”پريشان نہ ٿي مون کي يقين آهي تہ آئون توکي پنهنجي اسڪول ۾ پوري وقت تي پهچائي ڇڏيندس ۽ مون کي پڪ آهي تہ تون چڙيا گهر جي ٻين ڪيترن ئي جانورن کي ڏسڻ کان رهجي ڪونہ ويندين. پر جيئن تہ تو بس ۾ چڙيا گهر وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي. مون کي اميد آهي تہ تو کي بس ۾ سواري ڪرڻ بابت سلامتي ۽ تحفظ وارن اصولن جي خبر هوندي.

”جيءُ مون کي خبر آهي تہ ٻارن کي ڊرائيور جي توجهہ ڪڏهن بہ هيڏانهن هوڏانهن نہ هٽائڻ گهرجي ۽ نہ ان ئي کي پريشان ڪجي“ راجو هلڪي آواز ۾ وراڻيو.


اُٺ پنهنجي ڪنڌ کي ڌوڻيندي وراڻيو تہ ”اها ڳالهہ صحيح آهي، توهان چاهي ڪنهن موٽر سائيڪل، ڪار، بس يا ڪٿي ڪنهن جادوئي غاليچي تي سوار هجو، ڊرائيور جو ڌيان ڪڏهن بہ نہ ڦيرايو. اوهان ٻارن کي اها ڳالهہ يقيني بنائڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ قسم جو گوڙ شور ۽ افراتفري نہ پکيڙيو تہ جيئن ڊرائيور کي ڪنهن قسم جو مونجهارو نہ ٿي پوي يا سندس مزاج نہ بگڙي پوي.






ڪڏهن ڪڏهن ٻارن ۾ اها خراب عادت ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ هو پنهنجي ڪار يا بس جي درين مان پنهنجو مٿو ۽ ٻانهون ٻاهر ڪڍي ويهندا آهن. يقين ڪريو تہ انهيءَ مان ماڻهو شديد طرح زخمي ٿي سگهي ٿو. ايئن ڪٿي سمجهو تہ پٽيان ڪا ڪار پٺي ايندي هجي تہ اها اوچتو توهان جي مٿي يا هٿ کي ٽڪر هڻي وجهندي.“ اٺ رڙندي چيو.

گاڏي کي تيز ڪرڻ ۽ پنهنجي هٿ کي ٽڪر لڳڻ واري سوچ ايندئي راجو ڏڄي ويو. هن دل ئي دل ۾ اهو پڪ ڪري ڇڏيو تہ آئنده هو جڏهن بہ بس ۾ سواري ڪندو تہ هميشہ صحيح نموني سان ٿي ويهندو.






راجو انهيءَ سوچ ۾ گم ٿي ويو، جڏهن هڪ دفعي هو بس مان هٿ ٻاهر ڪڍيو ويٺو هو تہ هڪ تيز رفتار گاڏي سندس هٿ سان ذري گهٽ ٽڪرائجي ويئي هئي ۽ هڪ پوڙهي شخص سندس ڌيان ڇڪائيندي چيس راجو ڪجهہ هوش سنڀال .... ننڍڙن نہ ڪر.


راجو اکيون پٽيون ۽ ڏٺائين تہ سندس ماءُ کيس بستري مان جاڳائي رهي هئي. ”راجو اٿي بابا نہ تہ اسڪول ۾ دير ٿي ويندي. اهو تہ ياد ڪر تہ اڄ توهان ي تفريح تي چڙيا گهر وڃڻو آهي. انهيءَ تفريح کان رهجي وڃڻ تہ نٿو چاهين نہ؟“ سندس ماءُ جاڳائيندي چوڻ لڳي.

راجو اٿي ويٺو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏٺائين تہ هو گهر ۾ پنهجي بستري تي ويٺو آهي. هن کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ پوڙهي ماڻهو ۽ سندس اُن گاڏي واري سڄي ڳالهہ صرف هڪڙو خواب ئي هو. اهو صفا حقيقت وانگر لڳي رهيو هو.

”امان، مون عجيب و غريب خواب ڏٺو آهي. مون خواب ۾ ڏٺو تہ ڪنهن پوڙهي ماڻهو سان گڏ هڪ اُن گاڏي تي ويٺو آهيان ۽ وچ ايشيائي اُٺ وانگر هن اُن کي ٻہ ٻہ ٿوها هئا. اهو اُن مون سان ڳالهائي رهيو هو ۽ ....... راجو پنهنجي خواب واري سڄي ڳالهہ پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي.“

”هون! راجو تو کي جانورن سان پيار آهي، انهيءَ ڪري هن ڀيري تون اُن سان پئي ڳالهايو. اڳئين ڀيري وري ڀڪين سان گڏ ويٺو ڳالهائيندين. هاڻي جلدي اسڪول لاءِ تيار ٿي ۽ واپس گهر موٽي اچي، مون کي پنهنجي خواب ۽ چڙيا گهر جي سير بابت ٻڌاءِ. اٿي جلدي تيار ٿي ۽ نيرن ڪر.“ راجو جي ماءُ چيس.






راجو تيار ٿي ڪري پوري وقت تي اسڪول
ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ ايندڙ روڊن ڪي پار
ڪرڻ لاءِ هن وڏيڪ هوشياري ڪان ڪم پئي
ورتو. هن وڏيڪ ڪجهه دير تائين ان گاڏي واري
پوڙهي شخص جو ٻه انتظار ڪيو پرهو ڪٿي ٻه
نظر ڪونه آيو.



جڏھن ھو اسڪول پھتو تہ سڀئي ٻار استادن سان گڏ اسڪول واري وڏي بس تي چڙھي رھيا ھئا، جن ڪين ٻڌايو پئي تہ ڪٿي ڪٿي ويٺو آھي. راجو بہ پنھنجي دوستن سان گڏ ويھي رھيو.



جڏهن سيئي ٻار بس ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيا تہ
هڪ استاد سندن ڌيان ڇڪائيندي چيو "ٻارو، بس ۾ سفر ڪرڻ
جا ڪجھ اهم اصول هوندا آهن، اوهان سڀني کي اهي خبر هئڻ
گهرجن؛ ڇا اوهان مان ڪنهن کي خبر آهي تہ اهي اصول ڪهڙا
ڪهڙا آهن؟"

راجو بلڪل حيران ٿي ويو تہ ڪيڏي نہ مطابقت آهي...! هن
پنهنجي پوري جوش ۽ جذبي سان هٿ مٿي ڪيو. هن کي انهن
سڀني اصولن جي خبر هئي ۽ هن پنهنجي خواب بابت سڀني کي
ٻڌائڻ پئي چاهيو. راجو ڌنل خواب بابت پنهنجي استاد کي سڀ
ڪجھ ٻڌايو.

استاد خواب ٻڌي راجو کي چيو تہ "بس ۾ ويٺل سڀني شاگردن
کي اُٺ واريون ڇيل ڳالهيون ٻڌاءِ." راجو ڪيڏو نہ عجيب ۽
غريب ۽ حيران ڪندڙ خواب ڏٺو هو.

پورو ٿيو





# ٻارن لاءِ مفيد معلومات




- جيڪڏهن انهيءَ گاڏي ۾ سيٽ وارا پٽا (Seat Belts) لڳل آهن تہ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ توهان اهي پنهنجي جسم تي ٻڌي رکيا آهن.
- دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي جهڪي ٻاهر ڏسڻ کان هميشہ پرهيز ڪريو، نہ ئي وري ڪا شيءِ بس مان ٻاهر اڇليو.
- آئيني ۾ ڊرائيور جي نظر کي نہ روڪيو. صرف ان وقت گاڏي جا دروازا ۽ دريون کوليو جڏهن ائين ڪرڻ محفوظ ۽ سلامتيءَ وارو هجي.




- جڏهن توهان گاڏيءَ ۾ ويهي رهيا هجو يا ان مان لهي رهيا هجو تہ هميشہ فٽ پاٿ واري پاسي وارو دروازو استعمال ڪريو.



- جڏهن توهان ڪنهن بس وغير جو انتظار ڪري رهيا هجو تہ ٽريفڪ کان پرڀرا فٽ پاٿ تي ئي بيهو.
- بس اسٽاپ جي آسپاس راند ڪيڏڻ انتهائي خطرناڪ ڳالهہ آهي.
- جيڪڏهن توهان ڪنهن بس ۾ چڙهڻ جو ارادو ڪريو بيٺا آهيو تہ پهريائين لهڻ وارن ماڻهن کي لهڻ ڏيو ان کان پوءِ چڙهو.



- جڏهن توهان ڪنهن گاڏي ۾ ويٺا هجو تہ پنهنجا هٿ گاڏي جي دروازن جي هئنڊل کان پري ئي ڪري رکو. گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان پوءِ ان جي دروازن کي چڱي طرح بند ڪري ڇڏيو.




- ڊرائيورن کي پنهنجي ڪم تي ڌيان جي ضرورت هوندي آهي. ان ڳالهه کي يقيني بڻايو تہ توهان ڊرائيور جو ڌيان ڪنهن بہ حوالي سان منتشر نہ ڪري رهيا آهيو، چاهي توهان ڪنهن بہ قسم جي گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هجو.
- جيڪڏهن توهان ڪنهن بس وغيره مان لهي روڊ پار ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پهريائين انهيءَ بس کي لنگهي وڃڻ ڏيو، ان کانپوءِ محفوظ طريقي سان روڊ پار ڪريو.



- جيڪڏهن توهان ڪنهن اُٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي تي سوار آهيو تہ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ توهان انهيءَ اُٺ يا گڏهہ کي قابو ۾ رکي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان جو اُٺ يا گڏهہ گهبرايل آهي ۽ سنڀالي سگهڻ جهڙو ناهي تہ ان صورت ۾ اهو ئي مشورو ٿو ڏجي تہ ان کي گهٽي ٽرئفڪ واري روڊ تي نہ وٺي وڃجي. جڏهن توهان ڪنهن اُٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي تي سوار هجو تہ پيادل هلندڙن جو خيال رکو.
- ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ توهان ڇڪڙي (اٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي) تي وزن وغيره صحيح انداز سان رکيو آهي، ان کانپوءِ ئي ان کي روڊ تي وٺي وڃو.
- ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ ڪنهن اٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي تي رکيل وزن سان پيادل هلندڙن ۽ روڊ استعمال ڪندڙ ٻين ماڻهن کي ڪا تڪليف نہ پهچي .




- جيڪڏهن توهان ڪنهن بس وغيره مان لهي روڊ پار ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پهريائين ان بس کي لنگهي وڃڻ ڏيو، ان کانپوءِ محفوظ طريقي سان روڊ پار ڪريو.



- ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ توهان ڇڪڙي (اُٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي) تي وزن وغيره صحيح انداز سان رکيو آهي، ان کانپوءِ ئي ان کي روڊ تي وٺي وڃو.


ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ ڪنهن اٺ گاڏي يا گڏهہ گاڏي تي رکيل وزن سان پيادل هلندڙن ۽ روڊ استعمال ڪندڙ ٻين ماڻهن کي ڪا تڪليف نہ پهچي .




# راجو جو خواب

اڪثر ٻار محسوس ڪو نہ ڪندا آهن تہ روڊ تي سلامتيءَ خاطر هڪ سٺو مسافر ٿي هلڻ بہ اوترو ئي اهم آهي، جيترو ڪو سٺو ڊرائيور ٿي هلڻ، پوءِ چاهي ڪو ماڻهو موٽرسائيڪل تي سوار هجي، ڪنهن ٽانگي تي سوار هجي يا ڪنهن بس تي سوار هجي، پر راجو فقط هڪ خواب ۾ جانورن سان محبت ذريعي ڪيئن هڪ ذميوار قسم جو مسافر بڻجي ويو؟ اهو ڄاڻڻ لاءِ پڙهندا هن ڪتابچي اندر ڏنل ڪهاڻيءَ ڪي.

روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊولپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجھ وڏيڪ ڪهاڻيون هي آهن:




روڊ تي ڪيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن



راجو جي نئين سائيڪل




ببلو جي سياڻپ



ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو....!



راجو جي ملاقات



راجو جا زخم


مصنف: يوشع زَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: **سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن**



پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.
فون نمبر 111-424-111 (21-92)   فيڪس :9251652 (21-92)
اي ميل : info@sef.org.pk   ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ